# اُتم - اڳ ۽ هاڻ

- پارو چاولا

پيڻ رکمڻيءَ کي داد ڏيڻ کانسواءِ رهي نٿي سگهان جو مَن وقت، جڏهن سنڌي ساهتڪارن کي ننڍي ٿِهي والي سچائي کون ٿي، ان وقت هن پيڻ کي خيال آيو آهي تہ هو سچي ساهتڪار جي لاءِ ڪجهہ لکي، ڪجهہ ڇپائي ڇپايان. ياءُ اُتم سچي جيون ساهتيہ لاءِ ارپڻ ڪئي آهي.

مان تہ جڏهن سانير ۾ آيس ۽ سنڌي ساهتيہ پڙهڻ شروع ڪيو تہ ٿمورتي ڪيرت، اُتم ۽ مالهيءَ جو نالو هرڪنهن ٿي والان ٻڌندي هئس. مون سنڌ ۾ بہ ڪيترا ناول پڙهيا هئا پر سڀ ترجمو ٿيل. شرت چندر چٽرجيءَ جا، هڪڙو ۽ ٽئگور جو، ٻيو ڪشميري ڦول ۽ طوفاني رنگ، پر اصلوڪو ناول يا ڪهاڻي مون سنڌ ۾ نہ پڙهي هئي. هتي ڀارت ۾ اچڻ کانپوءِ، مان جيڪر چوان تہ ١٩٥٤ع ۾ شادي ڪرڻ کانپوءِ، سنڌي ساهتڪارن سان ملاقاتون ناکر ۽ جيوت جي سنگ ۾ رهندي ٿينديون هيون.

١٩٥٧ع ۾ پهرئين سنڌي سميلن تي سڀ گڏيا هئا. پوءِ تہ ملاقاتون ڪنهن نہ ڪنهن پروگرام تي ٿينديون رهنديون هيون. ١٩٥٨ع ۾ هتي بمبئيءَ ۾ سميلن ٿيو. اُترو تہ هڪ ٻئي جي ويجهو هئاسين، لڳندو هو سڀ ڀائر ئي آهيون. ساهتڪارن ۾ ڪو ڀيد ڀاوَ ۽ ننڍ وڏائي جاءِ ڪانہ هوندي هئي. سڀ هڪ ٻئي کي ڏسي خوش ٿيا ٿيندا هئاسين.

ڏاڍن لينندو جڏهن سڀ گڏجي ڪم ڪندا. هڪ ٻئي
کي جيءَ ۾ جاءِ ڏيندا.
مان ته توهان ساهتڪارن جي پيٽ ۾ جيتامڙي آهيان،
۽ ٻوليءَ سان پيار اٿم. جڏهن ٻار هندي ۽ انگريزي
ڳالهائيندا رهندا آهن تڏهن دل روئي اُٿندي آهي

”ٻولي آهي ماءُ
ڳالهائين گهر ۾ به نٿو،
ڏين ٿو گهرو گهاءُ.“

”سنڌي ٿيءُ سُجاڳ
ٻولي هٿن مان ٿي وڃي،
لوچي لهه ڪو ماڳ.

جڏهن منهنجو پهريون شعر ’نووراني‘ نئين دنيا ۾ ڇپيو هو تڏهن ياءُ اُتم مونکي گهڻو همٿايو هو. پوءِ مون ڪي سال گهرو جهنجهٽن ۽ نوڪريءَ جي چڪر ۾ ڇڏي ڏنو هو پر پڙهڻ جو شوق قائم رهيو آهي. ۾ جيڪي بہ ڪتاب مخزنون ايندڙيون آهن سي پڙهندي آهيان. ياءُ اُتم جا بہ ڪي مضمون ۽ پڙهندي پئي رهي آهيان. جي مان ڀُلجان نٿي تہ جي ڊائري‘ (سنڌ ۾ اختر بلوچ جو لکيل ڪتاب ’نئين دنيا‘ پاران آڪٽوبر ۱۹۷۳ع ۾ ڇپايل آهي) ڏاڍو وڻيو هو.

جڏهن شيخ اياز ۱۹۹۰ع ۾ هتي ’سپون‘ پاران سيمينار تي آيو هو تڏهن تہ گهڻو ڪري روز هئاسين. وري ابراهم جويو صاحب بہ اسان وٽ تڏهن بہ گهڻو ويجهو آياسين.

انسان آهيون، هڪ ٻئي سان ڪنهن ڳالهہ تي ٺيڪ سياويڪ آهي. پاڻ ۾ ويهي خيالن جي ڏي سگهجي ٿي جنهن ۾ پيار بہ رهجي اچي ۽ ڏي وٽ بہ ٿي وڃي. اهو منهنجو خيال آهي. ياءُ اُتم لاءِ ڏاڍي عزت آهي. سندري، آشا ۽ سان منهنجو پيار آهي.

مان سوچيندي آهيان تہ سنڌي ٻوليءَ جا ساهتڪار آهن جو هڪ ٻئي کي چوڻ چائڻ ۾ وڃايون؟ ٻوليءَ لاءِ ڪو نوس ۽ عملي ڪم ڪريون تہ زنده رهي. ٻارن ۾ ٻولي سکڻ جو چاهہ پيدا